# عيسيٰ مسيح

## دلشڪستن کي چڱو ڀلو ڪرڻ لاءِ آيو.

”خداوند خدا مون ۾ پنهنجي روح سان ڀري ڇڏيو آهي. هن مون کي مخصوص ڪيو آهي ته آءٌ وڃي مسڪينن کي خوشخبري ٻڌايان. هائو، هن مون کي موڪليو آهي ته آءٌ دلشڪستن جي دلجوئي ڪريان، ۽ قيدين کي آزاديءَ جي ۽ ٻاندين کي سندن بند کلڻ جي بشارت ڏيان.“ (يسعياه 61:1)

اڄ موجوده دور ۾ منشيات جو استعمال، افسرده دلي ۽ خودڪشي وڌي ڳڻتيءَ جي گهڙي آهي. عام طور جڏهن اسين منشيات يا نشي وارين شين جي ڳالهه ڪريون ته ماڻهو هيروئن، ڪوڪين ۽ شراب جهڙين شين جي باري ۾ سوچين ٿا ته مسئلي جو فقط اهو ئي حل آهي. هن سان گڏوگڏ نشي واريون دوائون وغيره به جيڪي ماڻهو پنهنجو پاڻ کي ذهني سڪون حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن اهي به انهن ۾ شامل آهن ۽ انساني مونجهارو، ذهني ڇڪ تاڻ ۽ پريشانيون به اهڙيءَ طرح جي شڪستگيءَ جو سبب آهن. جيڪڏهن اسين شراب کي به انهيءَ مسئلي ۾ رکندي سوچون ته محتاط اندازي مطابق لکين ڪروڙين انسان هيٺ ڏنل منشيات جي نظر نه ايندڙ قيد ۾ جڪڙيل آهن.

انهيءَ عنوان کي اسين اڳتي وڌائيندي ڏسون ته ڪروڙين انسان ذهني، معاشرتي، معاشي، خانداني، ازدواجي ۽ روحاني پريشانين ۾ ڦاٿل نظر اچن ٿا جيڪي ڪابه منشيات استعمال نه ٿا ڪن. انهن مسئلن ۾ ڪريل ماڻهن جو تعداد هر سال وڌندو نظر اچي ٿو جنهن ڪري ماڻهو خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃن ٿا. هي سمورا معاملا ڪنهن انسان کي روحاني ۽ جسماني طور تباهه ڪري ڇڏين ٿا. ايتري قدر جو موت جي نوبت اچي وڃي ٿي. انهيءَ لاءِ ممڪن آهي ته ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جي ڏکن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ منشيات ۽ دوائن جو استعمال ڪندا آهن ته جيئن انهن جي شڪستگيءَ جو علاج ٿي سگهي. ائين ڪرڻ سان ماڻهو پنهنجن ڏکن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي ڏکن ۾ وجهي ٿا ڇڏين. جيئن ته باطني شفا جي لاءِ خدا جي الاهي اطمينان جي ضرورت آهي. هي هڪ تمام وڏو نقطو آهي ته خدا پنهنجي فرزند عيسيٰ مسيح کي انهيءَ لاءِ هن دنيا ۾ موڪليو. هو انهيءَ لاءِ آيو ته دلگيرن کي ۽ دلشڪستن کي چڱو ڀلو ڪري ۽ اسان کي پنهنجو اطمينان بخشي جنهن جي انسانن کي بيحد ضرورت آهي. بائبل مقدس واضح بيان ڪري ٿي ته شڪستگيءَ ۾ گذارڻ ڪيئن هوندو آهي. هي ڳوڙهن سان ڀريل هڪ اهڙي پيڇاهه هوندي آهي جيئن اوهان کي جيڪڏهن هڏي ڀڃڻ جو ڪو تجربو ٿيو هجي. بلڪل اهڙي طرح ئي روحاني طور به پيڇاهه هوندي آهي. هڪ دلشڪست تنهائي، ڪاوڙ رد ڪيو وڃڻ، مايوسي، ڪوڙ، افسردگي، خوف، نااُميدي ۽ ناپسند زندگي گذارڻ هوندو آهي. انسان جا احساس ايتري قدر زخمي ٿي ويندا آهن جو ٽڪجي هارجي اهي منشيات ۽ نشي جي دوائن جو سهارو وٺندا آهن. هڪ دلشڪست ئي اهي سڀ ڪم سرانجام ڏيڻ جو سبب هوندو آهي جيئن ته روح جي شڪستگيءَ انهن سڀني ڳالهين جو مصدر آهي.



## شڪستگيءَ جا سبب

طلاق:- هي خاص ڪري ٻارن جي زندگين ۾ احساسِ ڪمتري ۽ تنهائيءَ جو سبب آهي.

گار ڏيڻ:- هي جسماني، ذهني ۽ جنسي طور اذيت ڏيڻ آهي. انهن کان علاوه هٿ کڻڻ واري حالت، نفرت، رد ڪرڻ، جهيڙو ڪرڻ، حمل کي ضايع ڪرڻ، واقعو پيش اچڻ ۽ آخر ۾ موت آهي. هي سڀ ڳالهيون انسان جي زندگي ۽ روح جي شڪستگيءَ کي جنم ڏين ٿيون. هڪ دفعو جيڪڏهن ڪنهن انسان جي دل ٽٽي پوي ته زمين تي ڪوبه ڪونهي جو انهيءَ جو علاج ڪري سگهي. ماهر نفسيات ۽ سڀ دوائون به ڪنهن شڪست روح جو علاج نه ڪري سگهندا. اسان پوئين حصي ۾ پڙهيو ته ڪيترائي طريقا آهن جن کي اسين استعمال ڪندا آهيون پر اهي سڀ طريقا ۽ شيون قاصر آهن. دنيا ۾ ڪوبه اهڙو بشر ڪونهي جيڪو شڪستدل جي شڪستگيءَ جو علاج ڪري ڇاڪاڻ ته انهيءَ جون پاڙون روح پيوسته آهن. شڪستگيءَ جي اثر ۽ نتيجن کي ته ڏسي سگهجي ٿو ليڪن عيسيٰ مسيح واحد شخصيت آهن جيڪو شڪستگيءَ جو علاج ڪري سگهي ٿو. عيسيٰ مسيح جو نالو طبيب اعظم آهي جنهن کي خدا پيءُ موڪليو ته جيئن دلشڪستن جو علاج ڪري. جيڪڏهن ڪنهن جي ڄنگهه جي هڏي مختلف جاين کان ڀڄي پوي ته ڊاڪٽر بلڪل احتياط سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ ممڪن آهي ته اهو ڊاڪٽر پنهنجا اوزار استعمال ڪري ۽ ڀڳل ٽڪرن کي احتياط سان ڳنڍي ۽ بلڪل اهڙوئي اسان جو شافي طبيب اعظم عيسيٰ مسيح اسان جي روحن کي صحيح نموني ٺيڪ ڪري ٿو ۽ اسانجين دلين کي تسلي ۽ اطمينان سان ڀري ٿو. بائبل مقدس ٻڌائي ٿي ته دلشڪست هڪ پٿر دل هوندو آهي ۽ جڏهن عيسيٰ مسيح ڪيس چڱو ڀلو ڪري ٿو ته اهو شخص مڪمل فرمانبردار دل ٿي ويندو آهي ۽ اهو بلڪل ائين ئي آهي جيئن دل کي تبديل ڪيو وڃڻ.

”آءٌ اوهان کي نئين دل عطا ڪندس ۽ اوهان جي اندر ۾ نئون ذهن وجهندس. هائو، آءٌ اوهان جي بدن مان هي ضدي دل ڪڍي ڇڏيندس ۽ اوهان کي هڪڙي مڪمل فرمانبردار دل عطا ڪندس.“

(حذقي‌ايل 26:36)

نئين تبديل ٿيل دل جو واسطو خدا سان هوندو آهي ۽ هيءَ خدا جي محبت ۽ تسليءَ سان ڀريل هوندي آهي. اهي ئي احساس جيڪي ماڻهن جي روحن کي ڏوهي ٻڌائيندا هئا سي ئي عيسيٰ مسيح جي هٿ لائڻ سان ئي مطمئن ۽ آزاد خيال ٿي وڃن ٿا. پر خزان وارو روح خداوند جي شادمانيءَ ۾ خوش نظر ايندو. پاڪ روح جي مافوق الفطرت قدرت جي وسيلي خدا اسان کي موت، افسردگي، نااُميدي ۽ مايوسيءَ کان جيڪي گهڻن ماڻهن کي روحاني طور زخمي ڪن ٿيون تن کان شفا ۽ رهائي ڏئي ٿو.

”ائين ڪندو رهه، ڇاڪاڻ ته خدا اسان کي بزدليءَ وارو روح نه ڏنو آهي، پر طاقت وارو، محبت وارو ۽ خود ضابطي وارو روح ڏنو اٿس.“ (2- تيمٿيس 7:1)

بائبل مقدس ۾ خدا انسان جي شڪستدل جو علاج انهيءَ لاءِ ڪيو ته هو پنهنجو پيار ۽ اطميمان اسان ۾ ڀري. جيئن جيئن اسين خدا ۾ وڌندا وڃون ٿا تيئن تيئن خدا جي محبت ۽ اطمينان اسان ۾ ترقي ڪندو وڃي ٿو. خاص ڳالهه هي آهي ته ڪوبه اسان جي دلين مان مسيح جو اطمينان ۽ خدا جي



محبت کسي نه ٿو سگهي. خدا پنهنجي فرزند خداوند عيسيٰ مسيح کي موڪليو ته هو اسان دلشڪستن کي چڱو ڀلو ڪري. هاڻي ڪابه شيءِ اسان کي هن جي محبت کان جدا ڪري نه ٿي سگهي. اسين خدا جي ڪامل محبت ۽ اطمينان ۾ خدا سان گڏ زندگي گذاري سگهون ٿا. ڪامل شفا حاصل ڪرڻ لاءِ پهريون قدم هي آهي ته اسين عيسيٰ مسيح جي خوشخبريءَ تي ايمان آڻيون. خدا دلشڪستن کي شفا ڏيئي سگهي ٿو ليڪن گناهه اسان جي شفا ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ آهي. گناهه هڪ سنجيده مسئلو آهي جنهن جي ڪري ماڻهو خدا سان جدا آهن. خدا عيسيٰ مسيح کي موڪليو ته هو گناهه کي مٽائي ڇڏي. گناهه جو اجر موت آهي پر عيسيٰ مسيح پنهنجو رت وهائي صليب تي اسان جي گناهن خاطر پنهنجي جان ڏيئي ڇڏيائين. انهيءَ لاءِ اسين عيسيٰ مسيح جي وسيلي گناهن جي معافي ۽ خدا سان رشتو قائم ڪري سگهون ٿا. عيسيٰ مسيح جي وسيلي ئي اسين هميشه جي زندگي حاصل ڪري سگهون ٿا. جڏهن اسان کي گناهن کان معافي ملي ويندي آهي ته خدا خوشي ۽ آزاديءَ سان اسان جي شفا جو ڪم ڪري ٿو.

”ڏسو، خدا دنيا سان ايترو ته پيار ڪيو جو هن پنهنجو هڪڙو ئي فرزند ڏنو ته جيڪو به مٿس ايمان آڻي سو برباد نه ٿئي پر کيس دائمي زندگي ملي.“ (يوحنا 16:3)

روحاني شفا لاءِ ٻيو قدم اوهان جي آس‌پاس ٻين ماڻهن جي معافيءَ متعلق آهي. هي معافي اوهان جو ڪو پاڙيسري يا اوهان جي ڪٽنب جا ماڻهو ۽ اوهان جا ماءُپيءُ به ٿي سگهن ٿا ۽ انهن جو خدا سان رشتو صحيح هئڻ ضروري آهي. خداوند عيسيٰ مسيح جي وسيلي خدا اسان کي معاف ڪري ٿو ۽ هو اسان سان تقاضا ڪري ٿو ته اسان انهن کي به معاف ڪريون جن اسان جي خلافورزي ڪئي، اسان جا ڏوهي آهن ۽ اسان کي ڏک پهچايو اٿن.

”سو جيڪڏهن اوهين ماڻهن کي پنهنجا ڏوهه معاف ڪندا ته اوهان جو آسمان وارو پيءُ به اوهان کي پنهنجا ڏوهه معاف ڪندو.“

(متي 14:6)

جيڪڏهن ڪو شخص هي سوچي ٿو ته فلاڻي شخص منهنجو گناهه ڪيو آهي ۽ هن مون کي ڏک پهچايو آهي ته هن جو ڏوهه ناقابل معافي آهي ته هن شخص کي خدا جي فضل ۽ محبت وٽ اچڻ جي ضرورت آهي ته خدا هن کي معاف ڪرڻ واري دل ڏئي. خدا يقيناً اوهان کي اهو سڀ ڪجهه عطا ڪندو جنهن جي اوهان کي ضرورت آهي. هي معافي اسان کي پنهنجو پاڻ سان شروع ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته ڪجهه ماڻهو اهڙا آهن جيڪي هي سوچين ٿا ته انهن جا گناهه وڏيڪ خراب آهن. خدا انهن کي ڪڏهن به معافي ڪونه ڏيندو. ڪڏهن اهڙي حالت انهن عورتن سان پيش ايندي آهي جيڪي پنهنجي حمل کي ضايع ڪرائي ڇڏينديون آهن. يا ٻار کي پيٽ ۾ ئي مارائي ڇڏينديون آهن. جيڪڏهن ڪو ڪهڙي به حالت ۾ عيسيٰ مسيح ڏانهن اچي پنهنجي گناهن جو اقرار ڪري ۽ انهن کي ڇڏي ڏئي ته خدا ان کي معاف ڪري ڇڏي ٿو. اهڙيءَ حالت ۾ انهن ماڻهن کي هي ڳالهه قبول ڪرڻ کپي ته خدا جيڪو محبت جو خدا آهي ان مون کي معاف ڪري ڇڏيو آهي ۽ منهنجي شڪستروح کي چڱو ڀلو ڪيو آهي. ڪجهه ماڻهو پنهنجي زندگيءَ ۾ خدا سان دشمني ۽ عداوت رکندا آهن.